رباعيات

عمر خيّام

محمد بخش ولد خان محمد انصاري
سنڌي شعر ۾

انصاري لئبريري
پوسٽ محمد پليڪيلا گڙهي خيرو
ضلع جيڪب آباد

مرزا قليچ بيگ جو

"قيصريہ" پريس، حيدرآباد سنڌ.

قيمت ٠-٣-٠

١٩٠٤

سڀ حق ۽ واسطا قائم.

محمد بخش ولد خان محمد انصاري

Mohd. Bakhsh Ansari
P.O. Mohd. Pur Via Garhi Khairo
DIST: JACOBABAD.

انصاري لئبريري
پوسٽ محمد پور وايا ڳڙهي خيرو
ضلع جيڪب آباد

31663
12.2.78

ديباچہ

عُمر خيّام تاريخن ۾ ڪيڪائوس ۽ جمشيد ۽
فريدون ۽ خُسري ۽ سُليمان ۽ بهرام گور ۽ محمود
جي وڏائن جون ڳالهيون پڙهي پاڻ کان پڇيو تہ
"هي مسڪين خيّام اهي سڀ پنهنجون نوبتون نغارن
سميت ويا ڪاڏي؟ ائين تہ نہ آهي جو جنهن مِٽيءَ
مان ڪنڀار هاڻي ٺانو پيا ٺاهِين سا خود انهن بادشاهن
جي عضون جي مٽي آهي؟ ائين تہ نہ آهي جو منهنجو
غرِيباڻو ڪوزو فريدون جي آڱر ۽ خسري جي ٽِريءَ
مان ٺهيو آهي ۽ منهنجو پيالو ڪيڪائوس جي
کوپريءَ مان؟" آسمان جي چرخي تي- "دهر جي
زيرن زبرن تي" دنيا جي اِسرارن تي- هن "فانوس
خيال" هن "فريب خانہ" جي چرترن تي- فڪر
ڪندي عمر خيّام نيٺ سموري دائره دؤر
جي ۾ سچو مرڪز- سموريءَ فنا ۾ سچي هستي-
سموريءَ ڪثرت ۾ سچي وحدت- سمورن خارن

۾ سچو ڪاروبار گولي لڌو. ۽ انهيءَ ڏڪ کي
جهان جي جان سمجهيائون ۽ جهان کي سندس بدن.
انهيءَ اصل شناسيءَ کي هن شراب سڏيو آهي ۽ چيو اٿس
ته اهيو شراب زماني خلقت جو رت آهي ۽ ماڻهن
جي رت پيئڻ کان زماني خونيءَ جو رت چوڻ پيئڻ.
انهيءَ شراب خوريءَ جي تعريف سان سنديس
رباعيات ڀريل آهن.

جي خيام وانگي، شڪ ترڪ ڪري ڪري نيت
يقين سان روح کي سلطان سمجهن ٿا ۽ عالم کي
سندس تنبو، ۽ جي ائين سمجهي، مڪاشفه ۽
مشاهده الاهي، نمرتائي ۽ نياز سڪي، مان ۽ تنهائيءَ پنهائيءَ ۾
آندر جي ڏاڙي لائي، ايڪمنا ٿي، ڏيان ڪن ٿا، سي
لاشريڪ لاثانيءَ جي سونهن تي حيران ٿي درجه
بدرجه عشق جي منزل کي پهچن ٿا. انهيءَ
منزل ۾ سڀ مذهبي تعصب ۽ عملي خط سياهه
ميٽجي وڃن ٿا ۽ سوين ڳالهيون جي اڳي

آتپتي ڏسڻ ۾ پي آيون سي پوريءَ سمجھہ ۾ اچن ٿيون. جيئن جيئن انهيءَ محبت جي راهہ ۾ شوق ۽ ذوق وڌي ٿو تيئن تيئن اندرئين پکيڙي کي چڙهہ ڪنپ ٿين ٿا ۽ غيب جا پردا وڌيڪ کُلن ٿا ۽ حيات جا وڌائي ۽ سرمايہ لذت جوائي جو سواد وڌيڪ اچڻ لڳي ٿو. اهڙو عاشق دڪ کي پہ هرگز نہ ڇوي ٿو ۽ سنسار جي تالاب ۾ ڪنول وانگي نرليپ رهي ٿو. آخر پريم جي ڪيميا هنکي چڙهہ ڏنئين صورت ڏئي ٿي ۽ انهيءَ صورت ۾ چڙهہ دنيوي عقل کي ٿي طاقون ڏيئي حقيقي انگوُر جي ڏيءَ سان شادي ڪري ٿو ۽ خلوت ڪري ڪري خاموش ٿي ڪثرت قِلت جي چار ڪان ڇٽي، "ساڪن محراب الست جو ٿئي ٿو."

شال هن ننڍڙي ڪتاب جي پڙهڻ سان حقيقت ۽ معرفت ڏي اسانجن ماڻهن جو خيال ٿئي ۽ دڪ سچي کي سچائي اُدو سينئي ۾ ڏسي وير وروڌ تياڳي

هڪ ٻئي سان سلوڪ ۾ رهن ۽ دليون نه ڏکوئين
۽ هر طرح هڪ ٻئي جا ٻانهن ٻيلي ٿي ملڪ جو فائدو
ڪن ۽ سچو سکر هٿ ڪن. عُمر خيّام چيو آهي ته
روئي زمين کي آباد ڪرڻ اهڙو نه آهي جهڙي هڪ
دل شاد ڪرڻ. شال اهيا نصيحت نه وسريئون.

حيدرآباد تاريخ ٢٢ اپريل ١٩٠٣

بنده ديارام گدومل

بسم الله الرّحمن الرّحيم

عُمر خيام جو ن پارسي رباعيون ماڪن ۾ مشهور آهن. هرهڪ رباعي ۾ اگرچه فقط چار مصراعون آهن تڏهن به انهن جيترو عام ۽ حڪمت جو مضمون آندل آهي تنهنجو مثال اهڙو آهي جهڙو درياه ڪوزي ۾. انهن ۾ جيڪي نڪتا ۽ نصيحتون اڪل آهن تن جي حقيقي معنيٰ پوري طرح سمجهڻ ڪري انهي عجيب ۽ قابل حڪيم جي حڪمت ۽ شاعر جي شعر جي نزاڪت ۽ خوبي معلوم ٿي سگهي ٿي. انهي حڪمتي نزاڪت ۽ اخلاقي خوبيءَ جي وڏي نشاني هيءَ آهي ته هيترين صدين جي گذرڻ ڪان پوءِ به يورپ جي سڌريل ماڻهن ۽ قومن ۾ انهن رباعين جي تعريف هاي اچي ۽ وڏن قابل ۽ شاعرن انهنجا نثر توڙي نظم ۾ ترجما ڪيا آهن. انگريزي ترجمن مان پهريون مشهور ترجمو شعر جو ۾ ايڊورڊ

فتز جيرالڊ ڊو آهي جو آئرلنڊ جو شاعر هو ۽ جنهنجي تعريف هن صديءَ جي ملڪ الشعرا ٽينيسن به ڪئي آهي. اهو انگريزي ترجمو سنه ١٨٥٨ع ۾ پڌرو ٿيو ۽ تنهنڪان پوءِ به گهڻي دفعا وري ڇپيو آهي. هيءُ ترجمو لفظ بلفظ ڪين رچرڊ لي گالين جو آهي.

اگرچه عمر خيام جي شعر ۾ شراب ۽ عيش عشرت ۽ ٻين ڪن ظاهري خراب ڳالهين جا اشارا ڏنل آهن، جنهنجي مجازي معنيٰ نفرت ۽ گمراهي جهڙي آهي، تڏهن به جيئن حافظ ۽ ٻين صوفي شاعرن جي شعر جي ظاهري يا مجازي ڪڙي معنيٰ آهي ۽ باطني يا حقيقي ٻي معنيٰ آهي تئن عمر خيام جي رباعين جو به حال آهي. جي حقيقت ڪري معنيٰ جي ڪا خرابي هجي ها ته جيڪر يورپ جا سڌريل ماڻهو انهنجي تعريف ۽ مشهوري ڪان پري ڀڄن ها.

اهڙي عجيب ڪتاب جو ترجمو يورپ جي ٻولين ۾ ٿيو آهي مگر افسوس آهي ته هندستان يا

ڪنهن ٻئي مشرقي ملڪ جي ٻوليءَ ۾ ترجمو نه ٿيو آهي. تنهنڪري مون ڪوشش ڪري انهيءَ جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو. اصل رباعيون گهڻيون هيون مگر ڪن جو مضمون دلچسپيءَ جوڳو نه هو، تنهنڪري اُهي ڇڏي ڏنيم باقي سوا سؤ کن رباعيون چونڊي ڪڍيم، جن جو ترجمو پارسي رباعيءَ جي طرز يا بحر تي ڪيم. جيتوڻيڪ اصل زبان جي خوبي ٻيءَ زبان ۾ پوري طرح ڏيکارڻ تمام مشڪل آهي، تڏهن به جيتري قدر ٿي سگهيو آهي اوتري قدر شاعر جا خيال صاف طرح ڏيکاريا ويا آهن.

اصل پارسي ڪتاب ۾ رباعيون رديف موجب الف بي وار لکيل هيون. سنڌي ترجمي ڪرڻ ۾ اها اصلوڪي ترتيب قائم رکي وئي آهي؛ هڪ ٻئي پٺيان جيڪي رباعيون انتخاب ڪيون ويون تن جو ترجمو ڪيو ويو. سنڌي رديف جو خيال

چڱي ڏنو ويو، انهيلاءِ ته اصل رباعيون مقابلي لاءِ وري ڳولي هٿ ڪرڻ آسان ٿين.

معلوم ٿجي ته پارسيءَ ۾ رباعي جو بحر گهڻو ڪري (مفعول مفاعلن مفاعيلن فاع) يا (لاحول ولاقوّت اِلاّ باللّه) آهي، اگرچ انهي ۾ ٻه ويهارو ڪن ڦير گهير آهن. اهو بحر تمام مشڪل سمجهيل آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ ته پارسيءَ کان به زياده مشڪل سمجهڻ گهرجي. انهي هوندي به ڪوشش ڪري اصلوڪي نزاڪت جي مد نظر رکي ويئي آهي. اُميد آهي ته پڙهندڙن کي انهي مان لذت حاصل ٿيندي.

هاڻي اسين عمر خيام جي حياتيءَ جو مختصر احوال ڏينداسين ۽ پوءِ سنڌس توڙي ٻين صوفي شاعرن جي شعر ۾ جي مکيه لفظ ۽ اصطلاح ڪم آيل آهن تنجي مختصر حقيقي معنائي ڏينداسين ته انهيجي سمجهڻ ۾ آساني ٿئي.

عُمر خيّام جي سوانح عمري.

عمر خيّام، جو شاعر بہ ھو ۽ حڪيم بہ ھو، سو خراسان جي نيشاپور شهر ۾ انگريزي يارھين صدي يا هجري پنجين صديءَ جي پڇاڙيءَ ۾ ڄائو ھو. سندس جنم جي تاريخ جي پوري خبر ناهي مگر ايترو معلوم آهي تہ سنہ ٤٣٠ هجري (سنہ ١٠٣٨ع) ھن نيشاپور جي مشھور دارالعلوم ۾ تعليم حاصل ڪئي ۽ سنہ ٥١٧ ۾ (سنہ ١١٢٣ع) ۾ ھن وفات ڪئي ۽ سندس عمر باھتر ورھين ڌاري ھئي. اُنهيءَ اڄ ڏاءُ اٺ سؤ ورھہ اڳي ٿيندا. ھنجي ننڍي ھوندي جي ڏينهن جي گهڻي خبر ڪانهي، نڪو سندس وڏي ھوندي جي ڏينهن جو محقق ۽ پورو احوال ڪنھن ڪتاب مان ملي سگهي ٿو، مگر جن ڏينهن ۾ ھو پڙھندو ھو تن ڏينهن جي ھڪڙي مزي جهڙي ڳالھہ ڪرڻ ۾ ايندي آھي تہ نيشاپور ۾ ھڪڙو قابل اُستاد امامَ موفق نالي ھوندو ھو، جو ساري خراسان ۾ مشھور ھوندو ھو. ھو تمام پير مرد ھو

۽ سوين شاگرد وٽس تعليم وٺندا هوا. اهو عام اعتقاد هوندو هو ته جيڪو شاگرد هن وٽ قرآن ۽ حديث پڙهي اُٿندو هو سو وڏي درجي کي پهچندو هو.

هڪڙي پيري تي چوڪر هن عالم وٽ گڏ پڙهندا هوا ۽ هر سبق هوندا هوا. هڪڙو حسن بن سباح ۽ ٻيو ابوالقاسم، جو پوءِ نظام الملڪ جي عهدي کي وڃي رسيو ۽ ٽيو عمر خيام. اهي ٽيئي چڱا پاڻ گهرا يار هوندا هوا. هڪڙي رات هنن پاڻ صحبت ويٺي ڪئي ته حسن پنهنجن ٻن سنگتين کي چيو ته اها ڳالهه مشهور آهي ته جيڪو اسانجي امام يا اُستاد وٽ علم جي تحصيل ڪندو آهي سو وڏي درجي ۽ دولت کي رسندو آهي. جي اسين ٽيئي اهڙا نصيب وارا نه ٿياسين ته مَن اسان مان ڪو هڪڙو اهڙو ٿئي. تنهنڪري اچو ته پاڻ عهد اقرار ڪريون ته جنهنکي اهڙو بخت لڳي سو پنهنجن ٻن سنگتين سان ونڊي ورهائي رکو پاڻ اُنهنجو فائدو نه وٺي. سيني اها ڳالهه قبول ڪئي ۽ هڪبئي سان عهد اقرار ڪيائون.

ڪن ورهن کان پوء هي ٽيئي ڄڻا تحصيل ڪري اٿيا ۽ سڀڪو پنهنجي منهن نڪري هليو ويو. ابوالقاسم نظام الملڪ جنهن جي ڳالهه لکي آهي سو خراسان گهمندو غزني ۽ ڪابل ۾ آيو ۽ سڪهوئي نصيب يار ٿيس، جو سلطان الپ ارسلان جو وڏو وزير ٿيو. ڪن ورهن کان پوء سندس ٻئي ننڍي هوندي جا سنگتي وٽس آيا ۽ انجام پوري ڪرڻ لاء چيائونس. وزير نظام الملڪ جي سفارش تي سلطان حسن صباح کي هڪڙو وڏو عهدو ڏنو ۽ پر جلد اضعافي نہ ملڻ ڪري هو ناراض ٿي پنهنجي مربي وزير جي برخلاف منصوبا ۽ فساد ڪرڻ لڳو ۽ آخر نظام الملڪ کي قتل ڪري ڪپائي ڇڏيائين.

عمر خيام بہ وزير وٽ مدد لاء آيو هو مگر هنکي ڪنهن وڏي عهدي يا لقب جي لالچ نہ هئي. هن وزير کي چيو تہ تون مون تي رکي ايتري ڀلائي ڪر جو مونکي پنهنجي اقبال جي ڇانو ۾ هڪڙي

ڪندڙ ڏي جتي آءُ وِيهي عام ۽ حڪمت جي ترقي
ڪريان ۽ توکي دعائون ڪندو رهان. تنهنتي
وزير نظام الملڪ هنکي نيشاپور جي خزاني مان
ٻارهن سؤ مثقال سون جا ساليانو مقرر ڪري ڏنا.

انهي طرح عمر خيام نيشاپور ۾ خير جا ڏينهن
گذاريا ۽ گوشه نشيني ۾ پنهنجي عمر حڪمت ۽ شعر
جي شغل ۾ گذاري خيّام هنجو شعر ۾ تخلص
هو، مگر خيام جي معنيٰ آهي خيمه دوز يا تنبو
جوڙيندڙ. ٿائنجي ٿو ته اهو هنجي پيءُ ڏاڏي
جو ڌنڌو هوندو هو ۽ ننڍي هوندي ته هو پاڻ به اهو
ڪم ڪندو هو. يا ته جيئن هن پاڻ هڪڙي رباعي
۾ چيو آهي ته- خيام ڪه خيمه هاي حڪمت ميدوخت
يعني حڪمت جا خيما سبندو هو نه ڪي ظاهري خيما ۽
جهڙيطرح شيخ فريدالدين عطار ۽ حسين بن منصور حلاج
جي نالي ۾ معنيٰ سان عطار يعني پنساري ۽ حلاج يعني
پڃارو چوندا آهن. پر انهي ۾ شڪ ڪونهي ته عمرخيام

علم هيئت ۽ علم رياضي ۽ علم نجوم ۾ گھڻو سڌارو
ڪيو ۽ الپ ارسلان جي پٽ ملڪ شاھ جلال الدين
جي راڄ ۾ ھن ٻين ستن حڪيمن سان گڏ ھڪڙي
تقويم يا جنتري جوڙي ۽ سال جلالي انهي وقت کان
وٺي شروع ٿيو، جو تواريخن ۾ زيچ ملڪ شاهي جي
نالي سان مشهور آهي. عمر خيام فرنگي ٻوليءَ مان
الجبرا جو ڪتاب به ترجمو ڪيو. انهي علم کان
سواءِ هو فارسي شعر ۾ به استاد هو. سندس شعر
اڪثر رباعين ۾ آهي، جن ۾ هن دنيا ۽ آخرت ۽ روح
جي نسبت پنهنجا رايا ڏيکاريا آهن، جي رباعين جي
مضمونن مان معلوم ٿيندا. هو اسلام جي اصولن تي
پورو هو مگر تقليدي نه هو. سڪٽن اکرن تي هلڻ
وارو نه هو، نڪي حقيقت ڌاري رکي ٻين کي خوش
ڪرڻ لاءِ ظاهري شريعت تي هلندو هو، مگر ظاهري
جي ڪابه پروا نه رکي ظاهر توڙي باطن ۾ حقيقت تي
هلندو هو. انهيڪري تقليدي مسلمان سندس

برخلاف هوندا هوا ۽ انهي سبب ڪري ورهن تائين هو پنهنجي ملڪ ۽ قوم کي وسري ويو. پر نيٺ سچ اڪڙ جو نه هو ۽ حقيقت آخر وڃي ظاهر ٿي ۽ جيڪو عمرخيام جي رباعين جو قدر ٿيو سو ڪنهن بي حڪيم يا شاعر جي تصنيف جو ٿورو ٿيو هوندو. دنيا جي بي وفائي ۽ ناپائداري ۽ زماني جي گردش کان بي پروائي ۽ حياتي جي وقت جي خوش گذاري ۽ ظاهر پرستي کان نفرت ۽ باطن يا دل جي صفائي جي ڪوشش بابت جي ڪهڙي عمدا عمدا خيال معلوم ڪرڻا هجن ته اهو عمرخيام جون رباعيون پڙهي. انهن کي ڏهن ڏسبو ته هو بدعت جي قيد ۽ دين جي پابندي کان علحده ٿي آزادي ۽ زنده دلي جي تعليم ڏئي ٿو ۽ ڪڏهن ڏسبو ته رندن واري وعظ ۽ قلندرن واري تلقين کان پري ڀلي اخلاق جي سچي رستي جي رهنمائي ڪري ٿو.

هاڻي هيٺ اسين صوفين جا ڪي خاص اصطلاح ترتيب وار ڏيندا سين.

صوفين جا ڪي خاص اصطلاح.

آبرو = عبوديت - حجاب الوهيت جو.

بوسه يعني چُمي = روحاني لذت

بيهوش = ذات حق جي صفات ۾ محو ٿيڻ.

بُت = مستيءَ جو مظهر يعني حق - غيبي تجلي.

جلال = قهاريءَ جي تجلي.

جرعه يعني سرڪي = اسرار الاهي جا مقامات.

خرابات يا شرابخانو = حق جو مظهر - مرشد جي خانقاه - عارف ڪامل.

خواب يعني ننڊ = انساني ڪمن ۾ فنا اختيار ڪرڻ.

دير يعني مڙهي = عالم انساني.

رز يعني ڊاک = حق جي معرفت - دلي محبت.

زنار يعني جڻيو = يڪرنگي، محبوب حقيقي جي طاعت.

ساقي = مرشد - محبوب حقيقي.

بيداري = محوي جي حالت.

بتخانو ۽ شرابخانو = خانقاه يا مرشد جو گهر يا عارف ڪامل.

جمال = حق جو تجلو - مشاهدو.

جام = احوال - عارف جي دل.

حسن = جمعيت ڪمالات.

باده نوش يا باده فروش يعني **شراب پيئڻ يا وڪڻڻ وارو** = مرشد ڪامل.

ديوانگي يا مستي = عشق جي مغلوبي.

دين = اعتقاد.

دم = سالڪ جو ذوق ۽ شوق.

دوزخ = نفس اماره.

زاهد خشڪ = جاهل - بي معنيٰ

ساغر يا پيالو = جنهن شيءِ ۾ فيض نور يا مشاهدو معلوم ٿئي.

شرابخانو = خانقاه. مرشد ڪامل

عشق = حق جي ذات. عالم جبروت.

فراق = حق جي معرفت. وحدت جو مقام. عالم باطن کان عالم ظاهر ڏي اچڻ.

ڪفر = عالم لاهوت ۽ ملڪوت. ڪثرت کي وحدت ۾ لڪائڻ.

ڪافر = جو شخص اسماءِ ۽ افعال ۽ صفات کان نہ لنگهيو هجي ۽ حق کي تعينات ۽ ڪثرت ۾ لڪائيندو هجي.

شراب = عبوديت جو ذوق. محبت جو جذبو. معرفت جي لذت.

شاهد يا معشوق = حقتعالى.

عاشق = جمال ۽ جلال الاهي جو مست.

ڪعبه ۽ محراب = دل جو مقصد.

ڪليسيا ۽ ڪنشت = عالم تعين. شهود معرفت.

مطرب يا ڳائڻ وارو = ترغيب ڏيندڙ. فيض پهچائيندڙ.

حيدرآباد،
٦ اپريل ١٩٠٤ع.

قليچ بيگ.

اشارو- شعر جي وزن پوري ڪرڻ لاءِ جتي ڪي لفظ تڪيا پڙهڻا آهن يا ملائڻا آهن انهن جي مٿان (٢) جهڙي نشاني ڏني ويئي آهي جئن لاءِ = لَءِ.

رُباعيات
عُمر خيّام.

بِسم الله الرّحمن الرّحيم.

١

اڄ ھيئن ٿو پُڪاري صبح کان مَيخانو
رِندو، مستو، شرابيو، ديوانو،
پيمانا[1] ڀري پيو وٺو مئي[2] جا ۽ متان
ڀرجي اچي عمر جو سندو پيمانو.

٢

منظور[3] منکي جهان کان آھين تون،
اعلىٰ ۽ اکين جي شان کان آھين تون؛
ناھي ڪا عزيز جان کان واڌ ۽ چيز،
سو پيارا عزيز جان کان آھين تون.

٣

ھِن دھر ۾، جت ھئي اسانجي منزل،
ٿيو ڪين سواءِ غم جي ٻيو ڪي حاصل.

---

١ پيالا — ٢ شراب — ٣ پسند يا قبول.

افسوس اسانجي حل نہ ٿي هڪ مشڪل ،
وياسين ۽ رهي هزار حسرت منجهہ دل .

٤

آءُ دوست تہ هڪبئي کي در آغوش[2] ڪريون
سڀ فڪر ۽ وسوسا فراموش ڪريون .
جو ڙين مٽيءَ منجهان اسانجي ڪوزو[3]
اڳ تنهنکان شراب ڪوزي مان نوش ڪريون .

٥

ٿيان فوت جڏهن ، شراب سان غُسل ڏجوم
پيالي ۽ صُراحيءَ سندي تلقين ڪجوم ،
جي پانيو تہ حشر ۾ لهو منهنجو نشان
ميخاني جي در سندي مٽيءَ ۾ ڏسجوم .

٦

قرآن کي خلق ٿي سڏي حق جو ڪلام
پر تنهنکي ڪڏهن پڙهن ٿا ، نہ مُدام ،

---

١ پشيماني - ٢ ياڪريا بغل ۾ - ٣ صراحي - ٤ مرڻ مهل ديں جا اصول ياد ڏيارڻ - ٥ قيامت .

جا جام جي خط ۾ آهي آيت روشن،
هر جاءِ هميشه سا پڙهن خاص ۽ عام.

٧

اڄ توکي سيان[٢] جي دسترس اصلا ناهه
۽ فڪر سڀاڻي جو بجز سودا ناهه ۽
ڏي دم نه وڃاءِ جي اٿئي دل بيدار
هن باقيءَ عمر کي بقا پيدا ناهه.

٨

ڪعبو بتخانو بندگيءَ جو آهي
ناقوس[٢] ترانو[٣] بندگيءَ جو آهي
مسجد ۽ ڪليسا ۽ تسبيح صليب
هرهڪ سو نشانو بندگيءَ جو آهي.

٩

بيگانو ڪري وفا ته پوءِ ڇئبو خويش،
جي خويش ڪري جفا ته ٿيو بد انديش،

---

١ لمڪ يا چت – ٢ صبح يا سڀاڻي – ٣ ديول جو گهنڊ –
٤ اڳپ – ٥ ديول – ٦ ڪراس يا سوري پارسي ۾ چليپا –
٧ بد خواهه يا دشمن.

جي زهر موافقت ڪري تيو ترياق[1]
جي نوش مخالفت ڪري ڇئو نيش[2].

۱۰

تيو منزل ڪفر جي کان دين هڪڙو نفس[3]
تيو عالم شڪ جي کان يقين هڪڙو نفس؛
اِن هڪڙي نفس عزيز کي تون خوش رک
تيو عمر کان حاصل آخرين هڪڙو نفس.

۱۱

جي پاط نہ پين ميءِ تہ نہ ڪر ميءِ بد نام
ميخوار جي ٿئي قبول توبہ بہ مدام،
تون فخر ڪرين اهو تہ پين ڪونہ شراب
سؤ ڪم ڪرين جنجو شراب آهي غلام.

۱۲

جنهن ڏينهن کٽان جام، پيان خوب[4] شراب،
؛ فرط[5] خوشيءَ جي کان ٿيان مست خراب[6]،

---

۱ مٺائي — ۲ ڏنگ يا زهر — ۳ دم يا پساهہ — ۴ گهڻو — ۵ گهڻائي — ٦ نشئي، بيحال.

ڏيکاريان هزار مُعجزا عالم کي
ٿي طبع سندير باهر، سخن منهنجو آب.

۱۳

مُهلت جا ۾ ٿي ڏينهن اٿئي پيءُ تون شراب،
ڪر هوش، وئي عمر نہ موٽي ڪنهن باب؛
دنيا ۾ جڏهن آهي خرابي آخر
پيءُ چونہ شراب ٿين شب و روز خراب[2].

۱۴

ثابت آهي جاني اڄ جواني منهنجي
ميءِ آڻ جو آهي ڪامراني[3] منهنجي،
ڪيءِ عيب نہ ايءُ منجهانس تا آهي تلخ،
تلخ آهي جو آهي زندگاني[4] منهنجي.

۱۵

هشيار رهان تہ عيش ۾ ٿئي نقصان،
جي مست رهان تہ عقل تي پئي ڏاوان،

---

١ باهر پاڻي جو معجزو — ٢ مست، نشئي — ٣ منهنجي مراد حاصل آهي — ۴ حياتي — ٥ چٽي.

حالت آهي هڪ انهن پنهي جي وچ،
سا آهي حياتي، آءٌ اُنهيءَ تان قربان.

١٦

نِتُ فڪر فنا جو آهي تنهنجي مستي
نہ تہ آهي انهي فنا ۾ تنهنجي هستي،
عيسيٰ جي تيس دم سان جڏهان ڪر آءٌ حيات
تي موت ڪي آهي مونمان حاصل پستي

١٧

خيّام گناهہ لئہ هي ماتم ڪيڙو؟
غم ڪاڻ نہ، غم سان تنهنجو تهو ڪم ڪيڙو؟
جنهن ڪيو نہ گناهہ تنهنکي بخشش نہ ملي،
بخشش ۽ تي گناهہ لاءِ پوءِ غم ڪيڙو؟

١٨

جنهن دل ڪي اچي سڪ ۽ محبت جو سواد
مسجد ڪي وِسائي يا ڪري دَير[٢] آباد؛

---

١ نا اميدي، ڪمزوري — ٢ مڙهي.

منهنجو دفتر عشق جي لکيو جنهنجو نانءُ
دوزخ ۽ بهشت کان ٿيو سو آزاد.

١٩

ڏک مي جي کان ناهي مُلڪ ڪائوس جو وڌ،
نه تخت قباد جو نڪي طوس جو وڌ ؛
جا آهه ڪري وقت سحر جي عاشق
تنهنکان نه اذان[1] نه ذڪر سالوس[2] جو وڌ.

٢٠

آءُ مي نه پيان خوشيءَ جي لئي روز ۽ شب،
ان لاءِ نه پڻ ته ترڪ ٿئي دين ادب،
پانيان ته گذاريان بيخوديءَ ۾ ڪو دم
ميخواري ۽ مستيءَ جو اهو آهي سبب.

٢١

جائز نه شراب لئي نبيءَ ڪيو شُعبان
رجب ته اصل پاڪ مهينو ٿيو عيان ؛

---

١ بانگ – ٢ ريا يا مڪر.

شعبان رسول جو، خدا جو ٿيو رجب
اي يارو ٿيو خاص اسان لِءِ رمضان.

٢٢

جنهن قصر ۾ بهرام ٿي نت ورتو جام
ڪئي جوءِ[2] هرڻ ۽ شينهن ورتو آرام؛
بهرام سڄي ڄمار ٿي ورتا گور[3]
ڏس نيٺ تہ ڪيئن گور[4] بہ ورتو بهرام.

٢٣

اي دل تو رکي زمانو توکي غمناڪ
ناگهہ تن مان روح وڃي تنهنجو پاڪ؛
سبزو جمي تنهنجي خاڪ مان، تنهنکان اڳي
سبزي تي ويهي ماڻ مزا، ٿي چالاڪ.

٢٤

اڄ ڏينهن ياو، جڏهون جنهينجو نام آهہ
پي ميءِ جو قدح، جو اڄ نہ پورو جام[6] آهہ،

---

١ ماڙي، محلات - ٢ رهڻ جي جاء - ٣ گورخر جانور -
٤ قبر - ٥ وڏو پيالو يا ڪوزو - ٦ نڊو پيالو.

هر روز جي هڪ قدح تي مئي جو پيتيئ
اڄ پي ٻہ قدح، جو سيد الايام[1] اھ.

٢٥

خيّام بدن تنھنجو تيو خيمي وانگيان
منزل اُتي روح جي، جو آهي سلطان ؛
فرّاش اجل جو وڄهي خيمو ڊاهي
منزل اڳي پي جڏهن ۽ ٿئي شاھ روان[2].

٢٦

دل روزي نماز ڏنهن جڏهن مائل تي
مون چيو تہ مراد سڀ منکي حاصل ٿي،
افسوس پڳو روزو چڪي مئي جي سان
۽ منهنجي نماز باد[3] سان باطل تي.

٢٧

هوئي فصل بهار ۽ بُتِ حوُر سرشت
پڙ آب روان، صراحي ۽ سبزۂ ڪِشت[4] ؛

---

[1] سيدن ڏينهن جو سردار حديث موجب - [2] ڪوچ ڪري وڃي - [3] هوا جا پيٽ مان نڪري - [4] پوکر.

جيتوڻي جهان وٽ اهو آهي بد
ڪمتر ٿيان ڪتي کان جي ڪريان ياد بهشت.

٢٨

منهنجو جام لڳي شراب خوشرنگ چڱو
اُن وقت لڳي تو عود ۽ چنگ[1] چڱو؛
زاهد، جو نہ چاکي مي جو ۽ راڳ جو قدر،
رندن کان پري هزار فرسنگ[2] چڱو.

٢٩

ڪر ڏيان جو روح کان جدا تون ٿيندين
پردي پر تون اسرار خدا جي ايندين؛
پيءُ مي، جو نہ ڄاڻين تہ ڪٿان آئين تون،
ٿي[3] خوش، جو نہ ڄاڻين تہ ڪيڏي ويندين.

٣٠

حق[4] آهي جڏهن وڃڻ، رهڻ ڇا مطلب؟
بيفائدو اِن طمع ڪرڻ ڇا مطلب؟

---

١ وڄائڻ جا ساز – ٢ ٽي ميل – ٣ رهہ – ٤ واجب.

جنهن هنڌ نہ چڏيندا مصلحتَ لئي توکي
بيفڪر سفر ڪان تي وهڻ ڇا مطلب ؟

۳۱

تي عمر جو مدح مئي جي تي منهنجو وِرد[2]
اسباب شراب جو مونکي نت چوگرد؛
اي زاهد، عقل تيو جي تنهنجو اُستاد،
اُستاد بہ تنهنجو آهي منهنجو شاگرد؛

۳۲

ماڻهو ٿا سڏين مونکي فاسق گمراه
مون ڪيو نہ قصور، حال وڌ تنهنجو تباه؛
تيو شرع جي برخلاف، اي ديندارو،
نشي ۽ زنا ڪان وڌ نہ منهنجو ڪو گناه.

۳۳

آءُ آهيان گنهگار رضا تُنهنجي ڪٿي ؟
دل منهنجي تي بيمار شفا تنهنجي ڪٿي ؟

---

۱ گهڙيا ڏيهن تيا ـ ۲ وظيفو.

ڏيندو ين جي بهشت تون عبادت جي عوض
اِيءَ ٺيڪ تہ اُجوُرو پوءِ عطا تنهنجي ڪٿي؟

۳۴

آ[1] ميءِ پيان ڪن منع منکي ماڻهو سدا
۽ چون شراب دين دشمن جي بجاءِ
جي آهي سچي دين جو دشمن بہ شراب
دشمن جو پيڻ رت آهي مذهب ۾ روا.

۳۵

نيڪي ۽ بدي ڪري هتي جيڪا بشر[2]،
شادي ۽ غمي لکي قضا جيڪا قدر،
سا چاڙ نہ تون فلڪ کان، جو موجب عشق
صد بار آهي توکان فلڪ عاجز تر.

۳۶

هفتو سڄو جي پائيين تہ ميءِ پي ٿئين مست
ڇڇ جمعن نہ جمي جي ڏينهن ساقيءَ سند و دست ؛

ا دين جي دشمن جي بجا – ۲ انسان.

مذهب ۾ اسانجي جهون ۽ چنچير مڪ،
جبّار[1] پرست ٿي، نہ ٿي روز پرست.

۳۷

يا رب تون ڪريم، ڪر ڪرم ساڻ رحم؛
عاصيءَ ڪان سبب ڪهڙي ڪسبيءَ باغِ اِرم[2]؟
طاعت سان جي بخشين تہ ڪرم ناهي اهو،
عصيان[3] سان جي بخشين تہ اِهو آهي ڪرم.

۳۸

گذري ٿي جڏهن عمر، ڇا شيرين ڇا تلخ،
جڏهن جانِ بلب ٿي، ڇا نشاپور ڇا بلخ؛
مئي پيءُ جو اسانکان پوءِ ڪئي چنڊ لنگهن،
ڪو سلخ[4] مان غرّہ[5] ٿئي ۽ ڪو غرّہ مان سلخ.

۳۹

هي قافلو عمر جو عجب ٿو گذري،
سڳرو[6] سوئي دم جو منجهہ طرب[7] ٿو گذري

---

۱ خدا تعالى – ۲ بهشت – ۳ گناه – ۴ مهيني جي پوئين تاريخ – ۵ مهيني جي پهرين تاريخ – ۶ چڱو، سڄايو – ۷ خوشي، عيش.

کاءِ ساقي-غريبن جي سنڀاءِ جو نہ غم،
ڏي ترت پيالو روز شب تو گذري.

۴۰

اي يارو غذا[1] جي لاءِ مئِ قوت ڪجوم
منهن آهي جو ڪهربا[2] سو ياقوت[3] ڪجوم،
مئِ سان ڌوئجو مُنکي، مران آءَ جڏهن
۽ ڏاکر جي ڪاٺيءَ منجهان تابوت[4] ڪجوم.

۴۱

جيءُ منهنجو ادا عمر کان محروم نہ ٿيو
اسرار رهيو ڪونہ جو مفهوم نہ ٿيو،
جي ڌيان ڪري ڏسان تو پنهنجي دلہ
گذري وئي عمر، ڪي بہ معلوم نہ ٿيو.

۴۲

سجاده[5] پرست جي ٿين آهن خر[6]،
مڪرن جا ڪٺن بار، ريا جا آٽر[7]

---

۱ کاڌو - ۲ زرد - ۳ لال يا ڳاڙهو - ۴ جماري جو کتولو -
۵ مصلو - ۶ گڏه - ۷ ڏيکر.

هي سڀ کان عجب جو زهد جي پردي ۾
اسلام ٿا وڪڻن، ٿيا ڪافر کان بتر.

٤٣

جنهن وقت اچي اجل، وڃان آءٌ مري
۽ خاڪ ٿئي جسم سڄو منهنجو ڳري
جوڙين صراحي جا مٽيءَ مان منهنجي
جڏهن پُر ٿئي ميءَ سان، جي پوان آءٌ وري.

٤٤

آيو نيستو اسانجو اوّل کان وجود
حيرت کان سواءِ ٿيو حياتيءَ مان نه سُود،
وياسين هتان رنج سان، پئي ڪانه خبر
هن اچڻ وڃڻ رهڻ مان ڇاهو مقصُود؟

٤٥

ميخاني ۾ آءٌ ڪڏان صراحي ساغر،[1]
سو ڪيٿن ڪڏان دفتر[2] ۽ وسايان منبر؟[3]

---

١ ضعيف:- ٢ پهالو - ٣ وڏا وڏا ڪتاب.

تون زاهد خشڪ آه آهيان فاسق تر[1]،
آتش جو سڪي ۾ تي نہ آلي ۾ اثر .

٣٦

جي مرد خدا جا ٿيا خاصان جهان ،
سي اوج فلڪ جي تي وڃن سير ڪنان ؛
نت معرفت حق ۾ فلڪ وانگي رهن
سرگشتہ ۽ سرنگون ۽ سرگردان .

٣٧

هو نداسين اسين ڪين مگر هوندو جهانُ
نالو نہ هتي اسانجو هوندو نہ نشان ؛
هئاسين نہ هنان[2] اڳي ، تہ هو ڪو نہ خلل
هونداسين نہ جي پوءِ ، تہ ڪهڙو نقصان ؟

٣٨

هي سيئي اڪابر جي آهن منصبدار[3]
نت غم ۾ رهن ٿا جان ڪان سي بيزار

---

١ آلو ، شراب سان پيل ـ ٢ هنڪان ـ ٣ وڏي درجي وارا

جيڪو نه ٿئي حرص جو بندي تن جان
تنهنکي نه چون آدمي سي مرد مطيار.

٤٩

هي چرخ ستمگر آهي بد دل ۽ دماغ
آباد ڪري ڪڏهن نه ڪنهنجو ڪو باغ
جنهن جاء ڏٺائين داغ واري ڪا دل
اُن داغ مٿان ڏنائين تنهنکي بيو داغ.

٥٠

جاهل هي ته تي جي ڪين ڪنهن پرچاڻن
تا جهل کان پاڻکي اڪابر ڄاڻن
ڇا تيو جي اُهي پنهنجي خريءَ[1] جي سببان
خر جيڪو نه آهه تنهنکي ڪافر ڄاڻن.

٥١

ميءِ هوندي مٿان ميءِ کان ڪرين هيئن توبه
ٿيندين تون پشيمان ڪندين جيئن توبه

---

١ بي عقلي، گڏه جهڙو عقل.

گلشن ۾ ٽڙي گل ۽ پڪاري بلبل
موسم ۾ ڏسجي اهڙي[1] روا ڪيئن توبهه؟

٥٢

خوش رهه جو هي عالم سڄو ويران ٿيندو
۽ روح بدن جي لاءِ حيران ٿيندو
هي حرص[2] هوس پيرل مٽي جو ڪاسو
پڻ ڪوزه گرن[3] جي پير هيٺان ٿيندو.

٥٣

گل مُلّ[4] جي آهي باده[5] پرستن کي خبر
نہ تنگدلن ۽ تنگدستن کي خبر
نت بيخبري ڪان بيخبر ٿيا معذور
هن ذوق ۽ شوق جي ٿي مستن کي خبر.

٥٤

مئخاني ۾ مئي سوا وضو ٿي نسگهي
بي آب جي جڳ ۾ آبرو ٿي نسگهي،

---

١ اهڙي موسم ۾ – ٢ پيالو، ڪوپري – ٣ ڪنڀرن
٤ شراب – ٥ شراب پيئندڙ.

ميءِ آڙ جو ننگ ۽ حيا جو پردو
ڦاٽي پيو اهڙو جو رفو ٿي نسگهي.

٥٥

افسوس تہ منهنجي دل کي درمان[1] نہ رهيو
۽ جان لبن تي آئي جانان[2] نہ رهيو
غفلت ۾ اچي عمر رسي تا پايان[3]
افسانو سندس عشق جو پايان نہ رهيو.

٥٦

نت جان[4] جي عالم ۾ ادا هوش ڪجي
ڪم ڪار جهان جي ۾ خاموش ڪجي
جيسين هجي جائگير اکر ڪن ۽ زبان
اکر ڪن ۽ زبان کي فراموش ڪجي.

٥٧

هن دهر ۾ جنهنکي نيم نان آيو هٿ
يا پنهنجو آجهو ۽ آستان آيو هٿ

---

١ علاج - ٢ محبوب - ٣ پڇاڙي - ٤ روح.

خادم نہ ڪنھينجو ھوئي نہ ڪنھنجو مخدوم .
خوشدل سو رھي جو خوش جھان آيو ھت .

٥٨

ڪنھنکي نہ ملي زماني ۾ گلرخسار
جيسين نہ لڳيس دھر جو دلہر خار
ڏس[١] جيسين ڦڻي نہ چير جي ٿئي سؤ شاخ
تيسين نہ نصيب تنھنکي ٿئي زلف نگار.

٥٩

شل ھت ۾ دمشد آب[٢] انگور ھجيم
۽ عشق بتن[٣] جو دل ۾ پرپور ھجيم
مونکي ٿا چون توکي خدا ڏئي توبہ
ھو خود نہ ڏئي، آءٌ نہ ڪريان، دور[٤] ھجيم.

٦٠

باطن تنھنجو داناءِ فلڪ تو چاڻي
دل تنھنجي جو سڀ يقين شڪ تو چاڻي

---

١ ڏند — ٢ شراب انگوري — ٣ محبوبن جو — ٤ شل منکان دور ھجي.

ممڪن[1] تہ فريب مڪر سان خلق ٺڳين
ڇا تنهنسان ڪندين جو يڪ بيڪ تو ڇائي؟

٦١

مئي عشق جي بندئي جو پر ۽ بال[2] ٿئي
مئي عقل جي ٻانوءَ جو خط ۽[3] خال ٿئي
پيتي سين تہ مئي ۽ ماھ رمضان لنگهيو
تي عيد، سدورو مان شوال ٿئي.

٦٢

ڪا[4] رات نہ جو دل کي تحير نہ ٿئي
وسڪارو هنجن جو مينهن وانگر نہ ٿئي
سو اسان نہ پرجي ڪوپري ماڻهوءَ جي
اوندو جو پيالو هوئي ڪڏهن پر نہ ٿئي.

٦٣

جو عشق مجازي ڏجي، هوئي تنهنکي نہ آب،
ٿئي باھ اُجهايل کي نہ تابش ۽ نہ تاب؛

---

١ ممڪن آهي تہ — ٢ ڪنبڙائيون — ٣ سينگار، سونهن —
٤ ڪا رات ناهي.

عاشق کي نگهہ جي روز شب ماہ ۽ سال
آرام قرار خرمي خوره نہ خواب.

٦٤

کيسين اها عمر خود پرستيءَ ۾ لنگهي
يا روح جي نيستي ۽ هستيءَ ۾ لنگهي
مئي پي، جنهين عمر ۾ هجن اهڙا فڪر
بهتر نہ اها خواب يا مستيءَ ۾ لنگهي.

٦٥

ڪي لاف گزاف کان پيا مڇجہ غرور
ڪي حرص کان سارين سدا حور قصور[1]
معلوم ٿئي جڏهن کڄن پردا سڀ —
دروازي کان تنهنجي سي سيئي آهن دور.

٦٦

هوئي يار بغل ۾ تہ شراب آهي خوب
هوئي دلبر جي غم چشم پر آب آهي خوب،

---

1 بهشت جون ماڙيون.

هي عالم بي وفا، بقا ناهي جتي،
انسان اُتي مست خراب[1] آهي خوب
٦٧
تا چون اگيان بهشت آهي ۽ حور
ماکي[2] اُتي، کير ۽ شراب آهي طهور؟
معشوق ۽ مي پرست[3] ٿياسين[4] جي هتي
جائز آهي جو نيٺ ائين ٿيو مامور.
٦٨
تا چون بهشت حور ۽ ڪوثر آهه
موجود شراب شهد ۽ شڪر آهه،
پر پيالو ڪري ڀريءَ تي منهنجي تون رک
هڪ نقد[6] هزار نسيه کان بهتر آهه.
٦٩
پردي ۾ قضا جي ڪوئي همراه نه ٿيو
اسرار قدر[7] جي کان ڪو آگاه نه ٿيو،

---

١ بي حال، نشئي — ٢ شراب طهورا يعني پاڪ شراب —
٣ معشوق پرست — ٤ حڪم — ٥ ترت يا حاضر، روڪ —
٦ اوڌر تي يا ايندڙ وقت جي انجام تي — ٧ قضا ۽ قدر.

ڏينهن رات ڪيو فڪر مون ٻاهتّر سال
پهو ڪونہ پتو، ۽ قصّو ڪوتاھہ نہ ٿيو.

٧٠

ميءِ پي جو دليان ڪثرت قلّت گم ٿئي
ٻاهتّر ملّت جي بہ ذلّت گم ٿئي
منهن موڙ نہ اهڙي ڪيميا ڪان، جنهنجو
هڪ قطرو جي پِين هزار عِلّت[1] گم ٿئي.

٧١

سِک صبح جو تون شرابخوريءَ جو سبق
۽ شام جو وار ميءِ پرستيءَ جو وَرق
چوٽي آهي خلق پر تہ حق[2] آهي ڪَڙو،
تڏهن اهڙي دليل سان ميءِ آهي حق[3].

٧٢

هڪ جام شراب تي دل ۽ دين قربان
هڪ سُرڪ تي پڙ ممالڪت چين قربان

---

١ بيماري - ٢ سچ - ٣ سچ ۽ خدا.

دنيا ۾ نه آهي ميءَ کان ڀيو ڪي خوشتر،
سو تلخ جنهن تان جان شيرين قربان.

(٣)

پي ميءَ جو حيات جاوداني آهي
سرمايهٔ لذت[1] جواني آهي
تيو سوز ۾ آتش جان ۽ ليڪن غم لاءِ
نت ساز[2] ۾ آب زندگاني آهي.

(٤)

هي ڏينهن جوانيءَ جا، شراب آهي چڱو
گڏ ساٿ عجيبن ميءَ ناب[3] آهي چڱو
هي عالم فاني، جو خراب آهي اصل،
تنهن ۾ ته رهڻ مست خراب آهي چڱو.

(٥)

عالم ۾ وڏا عشق تنهنجي شور
تنهنجي اڳيان درويش تونگر ڪمزور

---

١ ساڙڻ، سيڪ ـ ٢ چڱائي ازت ـ ٣ ڳاڙهو.

تون سيئي سان ڳالهين ۾، ڪٿين سڀ پوڙا،
تون سڀ جي اکين اڳيان، اڪيون سيئي جون ڪوڙ

٧٦

جي پين تون شراب، عقلمندن سان پي،
يا لالہ رخن سان خرم ۽ خندان پي،
ظاهر ۽ گهڻو نہ پي، نڪي ڪر عادت،
تورو پي، ڪڏهن ڪڏهن پي، ۽ پنهان پي.

٧٧

ڏک مي جو پلو بادشاهي جم[٢] جي کان
بوء مي جي چڱي غذاءِ[٣] مريم جي کان
ميخوار جي هڪ آهہ اندر جي بهتر
فرياد ابو[۴] سعيد ادهم[٥] جي کان

٧٨

جڏهن آهي جيان جي حقيقت بر مجاز،
آي دل چو سهين تي رنج غم دور دراز؟

---

١ انديون – ٢ جمشيد – ٣ جهب مان آيل طعام جڏهن بيبي مريم کي ٿي مليو – ۴ نعرو – ٥ بہ وڏا اوليا.

وڪر ڪمّ قضا ني، درد ني وچ تون ڀري،
ويو جيڪو قلم وهي اچي مور نہ ڀاز.

٧٩

هي چرخ ڏسي نہ ڪنهنکي ڏو پنهنجا راز
وِيڏن سان ڪُنئين هزار محمود اياز،
پي ميءِ، جو ملي ڪنهنکي نہ ٻيو پيرو عمر،
وِيا جيڪي جهان مان اچن مور نہ ڀاز.

٨٠

عاقل سان سدائين پرِ محبت جي پار
جاهل کان پري هزار فرسنگ گذار؛
دانا جي ڏيءِ زهر تہ بيشڪ ڪرنوش،
نادان هٿان ملئي جي شربت تون هار.

٨١

ويا جيڪي اُنهمان ڪونہ موتيو دمساز
جو توسان ڪري غيب جي پردي سندو راز

پورا ڪري ڪم تنهنجا نياز ۽ نہ نماز،
ڇا آهي نماز سا جنهين ۾ نہ نياز؟

٨٢

جي سعيو نہ بندگيءَ جو ڪيو مون هرگز
تو دَرَ جو نہ جي سفر ڪٽيو مون هرگز،
تنهنجي نہ ڪرم ڪان نا اُميد آءٌ آهيان
ڇا لاءِ جو هڪ کي ٻہ نہ ڇيو مون هرگز

٨٣

آهيون اسين پُتليون ۽ فلڪ بازيگر
هي آهي حقيقي ۽ مجازي مَنظر[١]
پيا ناچ ڪريون وجود جي فرش مٿان
هڪ هڪ ٿي ڪريون عدم جي پيٽيءَ ۾ گذر.

٨٤

مون هڪڙو پکي ڏٺو مٿي قلعہ طوس
هئي تنهنجي اڳيان سسي سندي ڪيڪائوس

---

١ تماشہ گاھ.

ٿي ڇپائين سڀ کي هاء افسوس افسوس
نوبت ۽ نغارا ڪيڏي ويا، ڪٿ ناموس؟

۸۵

عاشق اسين ديوانا ۽ مست آهيون اڄ
۽ لاء بتن[1] باده پرست آهيون اڄ
هستيءَ کان آهيون پنهنجي چِتَ ۽ آزاد
نت ساڪن محراب الست آهيون اڄ.

۸۶

هن دهر زبر ۽ زير ٿيندڙ جو نه پڇ
جيڪي اچي سو وڃي، تون ويندڙ جو نه پڇ،
تون حال جي هڪ پل کي غنيمت پيو ڄاڻ،
ماضيءَ کي وسار، وقت[2] ايندڙ جو نه پڇ.

۸۷

دڪان ۾ ڪوزه گر[3] جي ٿيو جوش خروش
ڪوزا[4] کي ڏٺم سخن ۾ ۽ کي خاموش،

---

۱ محبوبن – ۲ مستقبل – ۳ ڪمهر – ۴ صراحيون.

سڀني تي زبان حال جي سان چيو اُت
ڪٿ ڪوزه گر ۽ ڪوزه خر[١] ۽ ڪوزه فروش[٢]؟

٨٨

مئي، جنهنجي پيرط سان عقل ٿئي اصل شناس[٣]،
سو آب حيات آهي، ۽ آبِ اِلياس[٤]؛
ڇڏ رُوح جو قوُت، دل جي قوّت تنهنکي،
چيو انکي جڏهن خدا منافع للنّاس.

٨٩

باهتر آهن مذهب ملت ڪم بيش،
سڀني منجهان عشق تنهنجو مونکي درپيش؛
ڇا ڪفر ۽ اسلام ۽ ڇا ڏوهه صواب،
خالي نہ طلب ڪان تنهنجي بيگانو نہ خويش.

---

١ خريد ڪندڙ- ٢ وڪڻندڙ- ٣ اصل ذات سڃاڻندڙ-
٤ حضرت خضر ۽ الياس- ه قران مان شراب جي بابت تہ ماڻهون انهي مان نفعو آهي مگر نقصان زياده آهي.

٩٠

ڏس هڪ نيڪي ۽ بديون ڍَهر ڍهر بخش
هوئي جيڪا خطا منهنجي سا يڪباره بخش
تون حرص هوا سان باهہ غصي جي نہ ٻار
مسڪين کي واسطي رسول اللّٰه بخش.

٩١

جي گل نہ هوئي نصيب ۾ خار ڀلو
جي نور نہ قسمت ۾ مڇي، نار ڀلو
جي خرقو ۽ خانقاهہ ۽ شيخي ناهہ
ناقوس ڪليسيا ۽ زنار ڀلو.

٩٢

آي قاضي، آهيان توکان خبردار وڌيڪ
نشي ۾ بہ توکان آهيان هشيار وڌيڪ
ماڻهوءَ جو تون پيين رت، آءٌ پيان ڊاکہ جو رت،
چئو حاظ تہ آهي ڪير خونخوار وڌيڪ؟

---

١ يڪبارگي - ٢ باهہ - ٣ ديول جو گهنڊ ۽ ديول -
ڄڻيو - ٥ شراب.

٩٣

بهتر ته شراب پي ۽ دل شاد ڪريون
آئي ۽ وئي کي ڪينڪي ياد ڪريون ،
هن روح جي بنديءَ کي اسين هڪ لحظو
اِن بند منجهان عقل جي آزاد ڪريون .

٩٤

پاڻيءَ ۽ مٽيءَ مان مونکي ڪُٽيءِ، منهنجو ڇا ؟
مرضيءَ پنيان هيءَ اُلٽ اُٿيءِ، منهنجو ڇا ؟
نيڪي ۽ بدي وجود ۾ جيڪا اچي
سڀ منهنجي نصيب ۾ لکيءِ، منهنجو ڇا ؟

٩٥

تون ميءِ کان سواءِ رهه نه هوورون هڪ دم
جو ميءِ سان ٿئي عقل دل ۽ دين خرم ؛
ابليس جي ميءِ چکو پئي ها هڪ پل
ته هزار ڪري ها سجدا آڏو آدم .

---

١ جوڙيءِ

٩٦

هوئي تنهنجو ڪرم، گناهه[1] کان ڪين ڊڄان،
هوئي تنهنجو سمر ته راهه کان ڪين ڊڄان؛
جي تنهنجو ڪري لطف منکي روءِ سفيد
عملن جي خط[2] سياه کان ڪين ڊڄان.

٩٧

اءِ تون بني آهيون مثل هڪڙي پرڪار،
ٿيو جسم اسانجو هڪ، مٿا ٿياسين ڏار،
مرڪز تي ڦرون پيا اسين گهيري جان
گڏجون اچي هڪ جاءِ وري آخرڪار.

٩٨

بس، سُور زماني جو اسين هيئن نه پيون،
ڪي ميءِ کان سواءِ جيئن هجي تيئن نه پيون؛
ميءِ رت ٿيو زماني جو، زمانو خوني،
خونيءَ جي جگر جو رت اسين ڪيئن نه پيون؟

---

١ جي هجي ته – ٢ عملنامون.

۹۹

جيہ هت منجهان ميءِ جي مست آهيان، آهيان
جي گبر[1] ۽ بت پرست آهيان، آهيان ؛
هر قوم جو نت مونهہ جدا آهي گمان
آءُ پاڻ ہر نيست هست آهيان، آهيان.

۱۰۰

ڪ هت ہ اڻون قران ٻئي هت ہ جام،
ڪ وقت حلال ڪائون، ٻئي وقت حرام ؛
هن دوره دنيا جي رڳا آهيون اسين
نہ ڪافر مطلق، نہ مسلمان تمام[2].

۱۰۱

حق جان جهان جي، جهان آهي بدن ؛
۽ ملڪ حواس، جيڪي آهن منجهہ تن ؛
عضوا ہر مواليد، عناصر افلاڪ ؛
توحيد اها آهي، ٻيا مڪر ۽ فن.

---

[1] ڪافر - [2] پورا يا پڪا.

١٠٢

ڪي مذهب دين جي تفڪّر ۾ مڙئي
ڪي شڪ ۽ يقين جي تحيّر ۾ سيئي
ناگاهه ندا پڏط ۾ آئي هڪڙي
اي بيخبرو، راهه نہ هو آهي نہ هي.

١٠٣

ڪهڙو آهي جو گناهه ۾ ناهي غَرق؟
ليندو نہ ڪو بيگناهه، منجهه غربِ[1] نہ شرق[2]؛
جي آءٌ ڪريان بڇڙي ڏينم تون بڇڙو عوض،
پوءِ منهنجي ۽ تنهنجي وچ ۾ ٿيو ڪهڙو فرق؟

١٠٤

دنيا ۾ مراد سڀ ڏسين، آخر ڇا؟
۽ عمر جو خط سڄو پڙهين، آخر ڇا؟
ٻون ڪهو بہ قبول سؤ ورهه خوش تون رهئين،
سؤ ورهه پيا بہ جي رهين، آخر ڇا؟

---

١ الهدي — ٢ ايزدي.

١٠٥

اي دل[1] آهي معشوق ۽ ميءِ نت باقي
ڇڏ مڪر فريب ۽ نه ڪر زراقي[2]؛
احمد[3] جي ڪرين جي پيروي، پيءُ تون شراب
اُن حوض[4] مان، جنهنجو مرتضا ٿيو ساقي.

١٠٦

نت درد ۾ صبر ڪر لهين تا تون دوا،
ايذا کان نه ڊاهن ڪر لهين تا تون شفا،
ٿين يار جڏهن تون بينوا[5] رهه شاڪر
پڻ عاقبت الامر لهين تا تون نوا[6].

١٠٧

آهن ٻه شيون، جنهن آهي دانائي،
بهتر آهي گفتگو کان مانيڻائي[7]،
ڪنهن شيءِ جي ٻه ڪاڻ کان نه ڪاڻ بهتر،
صحبت کان ٻلي آهي سدا تنهائي.

---

١ ٻڌا يا جتاءِ واري – ٢ ٺڳي – ٣ حضرت محمد صلعم –
٤ حوض ڪوثر – ٥ بي سامان، محتاج – ٦ سامان – ٧ ماٺ
يا ناگوياڻي.

١٠٨

اِسرار کي تون سندي معمّا[1] نہ رسين
نُڪتي کي حڪيم جي تون دانا نہ رسين
پيءُ جام شراب، پنهنجو هت ٺاھ بهشت،
جت آهي بهشت اُت رسين يا نہ رسين.

١٠٩

چالين تو سبب ڪهڙي؟ پڻ ڪهڙي راهہ
آزاد سڏيا سرو[2]؟ سوسن[2] افواہ؟
هنکي[3] ڏيون سؤ زبانون، ليڪن خاموش،
هُنکي[4] ڏيا هٿ هزار، ليڪن ڪو ڏاھ.

١١٠

اي دل، جي بدن جي فڪر کان ڏين تون پاڪ
خالص آهين روح تون، اُڏامين افلاڪ[5]؛
عرش آهي مڪان تنهنجو، توکي آهي شرم
جي هيٺ اچي هتي وسائين هيءَ خاڪ.

---

[1] ڳجهارت يا پرولي – [2] سرو؛ سوسن کي ماڻهو جو آزاد سڏيندا آهن – [3] سوسن کي – [4] سرو کي – [5] آسمان.

۱۱۱

جي سمجهه ۾ هوش اٿئي، سُڻ اي يار ڪنير
آدم جي مٽيءَ کي ايترو خوار نہ ڪر،
آگر بہ فريدون جي، خسرو جي ٿري،
چاڙهي اٿئي چڪّ تي، پوئي تي ڪا خبر؟

۱۱۲

دنيا جي فريب خاني ۾ يار نہ گهول
پڻ منهنجي نصيحت کو مددگار نہ گهول
وچ درد سان تون هري، وسارج درمانُ،
غم ساط تون خوش تي ويہ، غمخوار نہ گهول.

۱۱۳

وٺ پاڻ کان تون حساب، جي عاقل تين،
آنديءَ هٿ چا ۽ پاڻسان چا تون نين؟
چئين تو نہ پيان شراب جو مرندس نيٺ،
مرندين تہ اُنهئين، شراب پيءَ يا ڪ نہ پيءَ.

١١٤

عاشق سدا مست مَيِ پرست آهيون اسين
۽ پير مغان جا زيردست آهيون اسين،
ويا سين لنگهي نيڪ بد، ۽ سڀ وهم خيال،
هوئي هوش اسانکي ڪٿ جو مست آهيون اسين.

١١٥

جي روءِ زمين کي تون آباد ڪرين
اهڙو نہ اهو تہ هڪڙي دل شاد ڪرين
ٻانهو[1] جي ڪرين لطف سان هڪڙو آزاد
بهتر جو هزار ٻانها آزاد ڪرين.

١١٦

شمع آهي، شراب، ماهتاب، اي ساقي
معشوق مثال لعل ناب[2]، اي ساقي
آتش ٻري من دل کي مٿان خاڪ سان تون
برباد ڪرين، پيار آب، اي ساقي.

---

١ هڪڙي آزاد ڪي — ٢ ڳاڙهو.

١١٧

ڄاڻين ٿو نہ ويچارو ڪڪڙ، وقت سحر،
چالاءِ ڪري نوحہ[1]، پڪاري ھر ھر؟
ٿيو صبح جي آئني[2] ۾ معلوم اُنکي
وئي عمر مان ھڪڙي رات، تو کي نہ خبر.

١١٨

ڳالھائين ٿو مونساڻ تون ٿي چين[3] ٻجھين،
مونکي ٿو سڏين سدائين ملحد بيدين،
آءٌ پاڻ مڃانٿو آھيان جيڪي تو چوين،
پر تو کي ڪو ايئن جڳائي، ٿي پاڻ امين.

١١٩

آي چرخ، تون دل کي منھنجي غمناڪ ڪرين
تون منھنجي خوشيءَ جو پيرھن چاڪ ڪرين
جو واءُ اچي مونڏي، ڪرين تون پاڻي،
پاڻي جو پيان سو وات ۾ خاڪ ڪرين.

---

١ زار، فرياد – ٢ آرسي – ٣ پيشانيءَ ۾ گهنڊ وجهڻ.

١٢٠

تون ڇهن مان ۽ ستن[1] منجهان پيدا ٿئين
پڻ ڇهن ۾ ۽ ستن ۾ ڄاڻائتو نہ پئين ؛
مئہ پي جو اڳئي چار دفعا توکي چيم
موٽڻ آهي تنهنجو ڪو نہ، جي وئين تا وئين ۔

١٢١

پيدا ڪيو مونکي آهي تنهنجي قدرت
سؤ ورهہ رکيو ناز ۾ تنهنجي نعمت،
سؤ ورهہ ڪندس گناهہ تا آءٌ ڏسان
تقصير ٿي منهنجي وڌ يا تنهنجي رحمت ۔

١٢٢

خلقت سندو مقصود مڙئي آهيون اسين
۽ عقل جي اکڙ جي روشني آهيون اسين
هي دائرهٔ دنيا جو مُنڊي[2] آهي هڪ
۽ نقش نگين[3] تنهنجو پڻ آهيون اسين ۔

---

١ آسمان ۽ زمين – ٢ گهيرو يا چڪر– ٣ ٽِڪَ.

۱۲۳

آءُ ميءِ ٿو پيان مگر آءُ مستي نہ ڪريان
پيالي بنا پٽ دراز دستي نہ ڪريان
آهي اِهو منهنجو ميءِ پرستيءَ مان غرض
تہ وانگي تہ آءُ خود پرستي نہ ڪريان.

۱۲۴

هي چرخ، آهي جنهنکان مشوّش[1] انسانُ،
فانوس[2] خيال جو آهي انجو نشان
سج آهي چراغدان، عالم فانوس،
آهيون اسين صورتون منجهس ٿيون حيران.

۱۲۵

رکہ خيال محال تي نہ پنهنجو ارواح،
ميءِ[3] پيءُ تون سڄو سال، ٿيو توکي مباح،
تون ڍاڪہ جي ڏيءَ سان عيش ۽ عشرت ڪر،
ٿيو ماهہ جي نڪاح کان چڱو ڏيءَ جو نڪاح.

---

۱ بي آرام پريشان – ۲ جادوءَ جو شمعدان – ۳ شراب.

١٢٦

مئي پي ۽ غلاميءَ مان وڃان آزادي
۽ پانهنجي خاني جي ڪريان آبادي
پهرين عقل کي پهرين تي طلاقون ڏيندس
پوءِ ڊاک جي ڌيءَ ساڻ ڪندس آءُ شادي.

١٢٧

مئي ڪيائون حرام هت، ترڪو شير پئي
ڪنهن سان پئي، ڪيترو پئي، ڪير پئي ۽
جنهن وقت ضرور تيا اهي چارئي شرط،
دانهه ڪان سواءِ پوءِ مئي ڪير پئي؟

١٢٨

جنهن ڏينهن ٿئي إذا السّماءُ انفطرت[١]
جنهن وقت ٿئي اذا النّجوم انكدرت[١]
دامن وٺي تنهنجي آءُ چوان توکي تڏهن
اي يار سڄڻ بأيِّ ذنبٍ[٢] قُتلت.

---

١ قرآن مان اشارا قيامت جي ڏينهن جا. ٢ ڪهڙي ڏوهه ڪري موتکي ماريئي.

١٢٩

آءُ ڪافر عشق جو مسلمانُ ٿيو
آءُ مور ضعيف آهيان سليمان ٿيو
مون ۾ ت منهن زرد ۽ پراڻا ڪپڙا
ڪمخاب فروش سنڌ ۾ دڪّان ٿيو.

١٣٠

ميءِ پيڻ ۽ خوش رهڻ ٿيو آئينُ منهنجو
۽ دين ڪفر کان منهن مٽڻ دين منهنجو
دنيا کان پڇيم ته ڇا ھي تنهنجو ڪابين
چيئين تو سندي دل خوش آهي ڪابين منهنجو.

پورو ٿيو.

حيدراباد جرنل

(هفتي وار انگريزي اخبار)

هر ڪنهن ٻڌر ڏينهن ڇپجي ٿي

قيمت ساليانی اگواٽ

٢ روپيا.

حيدراباد جرنل ايڪسترا

هر ڪنهن ڇنڇر ڏينهن ڇپجي ٿي

قيمت ساليانی اگواٽ

٢ روپيا.

سنڌ جووينائيل ڪوآپريٽو سوسائٽي وٽان سڀڪنهن قسم جا ڪتاب ؛ سٽيشنري جو مال واجبي اگهن تي ملي سگهندو. ٻڌئي خريدار سان گهڻي ڪفايت ڪئي ويندي.

خود باوري

سيلف هيلپ جو ترجمون سنڌي ۾

ڪيل

مرزا قليچ بيگ فريدون بيگ جو

قيمت ١-٤-٠

ملي سگهندو سنڌ جو ويدائل

ڪو آپريٽو سوسائٽي حيدرآباد وٽان

پرڀات

(هفتي وار سنڌي اخبار)

هر ڪنهن ڇنڇر ڏينهن ڇپجي ٿي

قيمت ساليانى اڳواٽ

٢ روپيا.

سپليمينٽ سان ٥ روپيا.